پروفيسر محمد سليم ميمڻ

# سنڌ ڌرتيءَ تي لوڪ ادب جي اوسر جا اهڃاڻ

***Abstract***

*The research paper pertains to 'Sindhi Folk Literature', which has been described as the creative art of Sindh, specially from Rural Sindh.*

*The meaning of term 'Lok-لوڪ', its evolution and various forms in which 'folk-literature' is presented. Dr. Nabi Bux Khan Baloach is the Scholar, who has worked wonders in this art.*

*Some of quotations have been taken from different Books, viz: 'Risalo of Shah Abdul Latif', 'Books of folk-literature', compiled by Dr. Baloach and by Dr. Abdul Majeed Sindhi.*

## لوڪ ادب ڇا کي چئجي ٿو؟

لوڪ ادب، کي عام لفظن ۾ نج ڳوٺاڻو ادب پڻ ڪوٺي سگهجي ٿو، هي عام لوڪن جو ادب، جنهن ۾ انهن جي احساسن، جذبن، امنگن، اڌمن، ڏکن، سکن، ريتن، رسمن، سنوڻن، سائن جي چٽي تصوير چٽيل هوندي آهي. لوڪ ادب عام لوڪن جي چڻ ته سموري زندگيءَ جي ميڙي پونجي آهي، جنهن کي هنن سيني ۾ سانڍي رکيو آهي، اهو ايترو ته جهونو آهي جيترا اهي عام لوڪ. هو اهو سرمايو صدين کان نسل درنسل پنهنجي املهه سينن ۾ سانڍيندا اچن. لوڪ ادب جي، ان جهونائپ جي شاهدي سجوڪ صاحب هن ريت ڏي ٿو:

"It is older than alphabet, it is older than literature, it is lore and belong to illiterate person."(1)

"لوڪ ادب جي پيدائش، ادب (ساهت) جي پيدائش کان، ايتري قدر جو آئيوٽيا جي پيدائش کان به آڳاٽي آهي." لوڪ لفظ کي جي جاچيندا‌سين ته سنڌي، هندي، سنسڪرت، سرائڪي توڙي پنجابيءَ ۾ ساڳي معنيٰ ۾ اُچار تحت ڳالهايو ۽ لکيو وڃي ٿو، ائين وري اردو ۽ پراڪرت ۾ "لوگ" انگريزيءَ ۾ "Folk" ۽ جرمن زبان ۾ "Volk" ساڳي "عوام" يا "ماڻهوءَ" جي معنيٰ ۾ استعمال ٿئي ٿو. جڏهن اسان وٽ لوڪ ادب تي اجان ڪا کوجنا نه ٿي هئي، ته ڪن سڄاڻن جو اهو خيال پڻ هو ته لوڪ لفظ Folk جي بگڙيل صورت آهي، جيئن انگريزي ۾ Folk Literature بگڙجي لوڪ ادب ٿي

پيو آهي. ان راءِ ڪي بنھ رد ڪندي سنڌي لوڪ ادب ڪي سُوڌي، سنواري ۽ سهيڙي پيش ڪندڙ ڊاڪٽر نبي بخش خان بلوچ موجب ته، ”لوڪ ادب ڪي بعينه ”فوڪ لور“ جي مغربي مفهوم سان تعبير ڪرڻ صحيح نه ٿيندو.“(2) ڊاڪٽر بلوچ صاحب جي مٿين توري تڪيل راءِ ڪي اجان وڌيڪ هٿي وٺائيندي الهه بخش نظاماڻي صاحب لکي ٿو ته، ”سنڌي لوڪ ۽ انگريزي فوڪ لفظن ۾ تمام اٽلڪو فرق آهي، جو ڪيترائي ماڻهو عام طرح سان انهيءَ غلط فهميءَ ۾ مبتلا آهن ته، سنڌي لوڪ انگريزي Folk مان نڪتل آهي ۽ انهيءَ ڪي جرمن ۾ ووڪ Volk ٿو چئجي، مگر درحقيقت ايئن بلڪل نه آهي، انگريزي فوڪ لوڪ Folk Lore جو لفظ گهڙيو پوءِ 1848ع ۾ وليم جان ٿا مس ايجاد ڪيو.“(3) الهه بخش نظاماڻي صاحب واري راءِ جي ساڪنائي ڪندي، ڊاڪٽر عبدالڪريم سنديلو لکي ٿو ته، ”سنڌيءَ ۾ ”لوڪ“ انگريزي ۾ ”فوڪ“ ۽ جرمن زبان ۾ ”ووڪ“ مان اندازو لڳائڻ غلط ٿيندو ته، اسان جو سنڌي لفظ لوڪ به ساڳي ”فوڪ“ ۽ ”ووڪ“ جي ڪُل مان آهي، اها هڪ اتفاقي مناسبت آهي، لوڪ لفظ گهڙيو آڳاٽو آهي.“(4) ڊاڪٽر فهميده حسين پڻ ان خيال جي آهي ته، ”لوڪ“ لفظ انگريزيءَ جو ”Folk“ ۽ جرمنيءَ ۾ ”Volk“ جي جيئن جو تيئن معنيٰ ته ڪونهي، پر گهٽي قدر ان مفهوم ڪي ادا ڪري ٿو (Folk Lore) به ساڳي قسم جو لفظ آهي ۽ اهو اصطلاح وليم جان ٿامس 1847ع ۾ گهڙيو.“(5) پر ڊاڪٽر مُرليڌر جيٽلي جو خيال آهي ته لوڪ لفظ سنسڪرت جو آهي جيڪو پوءِ سنڌيءَ ۾ آيو. ڊاڪٽر جيٽلي لوڪ لفظ جون مختلف معنائون ڄاڻائيندي لکيو آهي ته، ”سنڌيءَ ۾ لوڪ لفظ سنسڪرت مان آيو آهي ۽ ان جون مکيه معنائون آهن: 1. سنسارُ يا جهان، 2. ڌرتي، 3. قوم، قبيلو، سماج، 4. رعيت، پرجا، 5. عام ماڻهو، ان جا تدڀو روپ پڻ سنڌيءَ ۾ مروج آهن، جيئن ته لوگ (عام ماڻهن) لوءُ (ڪٽنب قبيلو) لوءِ (جڳهه، جاءِ، سرسٽي، ڪائنات) اسين جڏهن لوڪ لفظ جو استعمال مرڪب لفظن: لوڪ ساهِتيا، لوڪ ڪٿا، لوڪ ناٽڪ، لوڪ وشواس، لوڪ وهنوار، لوڪ گيت سنسڪرتيءَ ۾ ڪيون ٿا ته لوڪ لفظ جو مطلب محدود ٿي وڃي ٿو، ان قسم جي مرڪب لفظن ۾ لوڪ انگريزي فوڪ جو هم معنيٰ آهي، ڪن عالمن اهڙي قسم جي مرڪب لفظن ۾ لوڪ يا فوڪ ڄاڻايو آهي، اڻپڙهيل، ڳنوار، ڳوٺاڻا دهقاني، منهنجي ويچار ۾ اتي ”لوڪ“ جو مطلب آهي، اهي ماڻهو جن پنهنجي ورثي ۾ حاصل ڪيل ريتن، رسمن، پرمن، سنسن، ٽوڻن ڦيڻن ۽ آڳاٽي زماني کان وٺي

Shah Abdul Latif Bhitai Chair

هلندڙ پراسپرائن ۾ پورو وشواس آهي ۽ اهو ان موجب پنهنجي روزاني زندگي بہ گذارين ٿا. اهي لوڪ ڳوٺن ۾ رهن ٿا تہ شهرن ۾ بہ موجود آهن.“(6)

الهه بخش نظاماڻي صاحب جو چوڻ آهي تہ لوڪ نج نبار سنڌي لفظ آهي، جنهن جو استعمال اسانجي ڪلاسڪ شاعريءَ ۾ پڻ ملي ٿو: ”سنڌي ٻوليءَ ۾ ”لوڪ“ لفظ موجوده صورت ۾ قديم زماني ڪان وٺي موجود آهي، انهيءَ جو ثبوت اسان کي سنڌي ادب جي قديم شاعرن جي ڪلام مان ملي ٿو، انهن ڳالهين جي بنا تي خاطريءَ سان چئي سگهبو تہ ”لوڪ“ نج سنڌي لفظ آهي.“(7) لوڪ لفظ اساسي شاعريءَ ۾ هينئين ريت آيل آهي، جن ۾ سپني ڪان پهرين سومرا دؤر ۾ جيڪي اسماعيلي بزرگ هتي آيا انهن ۾ پير صدر الدين ولد پير شهاب الدين (1320ع-1409ع) جي گنان شاعريءَ ۾ لوڪ لفظ هينئين سٽ ۾ آيل آهي:

”ڪاپائتين ڪتيو، جڏهن ستو لوڪ،“

ڪتاب: سنڌي ٻولي ۽ ادب جي تاريخ: ڊاڪٽر نبي بخش خان بلوچ: 1999ع (ڇاپو چوٿون)، ص: 201.

لوڪ لفظ سمن جي دؤر جي شاعر قاضي قادن (1463ع-1551ع) جيڪو سنڌي ٻوليءَ جو سرواڻ شاعر ليکيو وڃي ٿو، ان پنهنجي شاعري ۾ هينئين ريت ڪم آندو آهي:

”لوڪان نحُ و صرف، من مطالعو سپرين.“

(ڪتاب: قاضي قادن جو ڪلام: هيرو ٺڪر، صفحو 78)

لوڪ لفظ ارغون ۽ ترخان دؤر ۾ سنڌي ٻوليءَ جي شاعر شاهه عبدالڪريم بلڙيءَ (1538ع-1623ع) واري وٽ چئن مختلف بيتن ۾ ملي ٿو. شاهه عبدلڪريم بلڙيءَ واري کي سنڌي ٻوليءَ جو ”وِهائو تارو“، جو سدائين چمڪندو رهي ٿو، جي لقب سان ڇاتو وڃي ٿو، تنهن هينين سٽن ۾ لوڪ لفظ هن ريت استعمال ڪيو آهي:

”هنيون ڏجي حبيب کي، لڱ ڳڏجن سين لوڪ،“ (بيت نمبر 8)

”سڪڻ سپرين سين، لاڳاپاسين لوڪ“ (بيت نمبر 20)

”جي لياڪا لوڪ ڏانهن، جان جان سي لتاءِ، (بيت نمبر 29)

”تاڙي جي لاهين، تہ اجارو لوڪ ٿئي،“ (بيت نمبر 82)

(ڪتاب: شاهه ڪريم جو ڪلام: مرتب: ميمڻ عبدالمجيد سنڌي، 1970ع، ڇاپو پهريون)

Shah Abdul Latif Bhitai Chair

انهن کان سواءِ سنڌ جي سرتاج شاعر شاهه عبداللطيف ڀٽائيءَ (1690ع-1752) ذري گهٽ سؤ ڀيرا هي لفظ پنهنجي شاعريءَ ۾ استعمال ڪيو آهي، مثال لاءِ ڪجهه بيتن جون سٽون هيٺ ڏجن ٿيون:

”لوٺيون سهن لوڪ جا، وهاٽيءَ ٿيون ويڻ“

(ٻانهون خان شيخ، شاهه جو رسالو، جلد-I، سُر يمن ڪلياڻ، ڇاپو ٻيو، 2001ع، 13/1، ص:30)

”لاٽي وچان لوڪ، تو کهڙي اکر آهڙي“

(ٻانهون خان شيخ، شاهه جو رسالو، جلد-II، سُر ڪنيات، ڇاپو ٻيو، 2001ع، 2/40، ص:116)

”منهن گهنڊي تن، ڳل ٻوري لوڪ نه لکئا“

(ٻانهون خان شيخ، شاهه جو رسالو، جلد-II، سُر برئو سنڌي، ڇاپو ٻيو، 2001ع، 2/15، ص:402)

”لڏي وچان لوڪ، اُٺي وئڙا اُڪري“

(ٻانهون خان شيخ، شاهه جو رسالو، جلد-II، سُر ڏهر، ڇاپو ٻيو، 2001ع، 2/12، ص:255)

مٿين ثابتين کان پوءِ اهو ضرور چئي سگهجي ٿو ته، لوڪ لفظ سومرن جي دؤر ۾ لکت ۾ ملي ٿو، ٿي سگهي ٿو ته عربن جي دؤر يا ان کان اڳ به هجي، پر سنڌي ٻوليءَ سان وڏو ڪيس اهو آهي ته موهن جي دڙي کان وٺندي عربن جي سموري دؤر تائين جي علمي خزاني جا سمورا غوراب ئي غرق ٿيل آهن، ته پوءِ لوڪ لفظ لاءِ اهو چوڻ مناسب ٿيندو ته هي لفظ هن سڄي خطي يعني هند توڙي سنڌ جي مقامي ٻولين ۾ عام هو ۽ ساڳي معنيٰ ۽ مفهوم ۾ استعمال هيٺ رهيو.

## سنڌ ڌرتيءَ تي لوڪ ادب جي ارتقا:

سنڌ ڌرتيءَ تي لوڪ ادب اوچتو کُنڀين وانگي ڦٽي ڪونه نڪتو هوندو، ان جي سرجڻ ۾ سوين صدين جو عرصو لڳو آهي، جيئن هن ڌرتيءَ تي موهن جي دڙي جهڙي مهذب تهذيب به هڪدم نه اڀري نروار ٿي هوندي، ان کي تهذيب جو بالغ دؤر (Mature Period) ضرور چئي سگهجي ٿو، پر ان تهذيب کي هٿي ڏيندڙ ڪوٽڏيجي، آمري، نئينگ،



Shah Abdul Latif Bhitai Chair

ڪائي، جهانگر، ڪوهستاني توڙي ريگستاني تهذيبن اجاگر ڪيو هوندو، حقيقت ۾ سنڌو تهذيب کي جٽڻ وارا اهي ڳوٺاڻا سماج ئي هئا، جي ان جڳ مشهور تهذيب جا حصا، جزا ۽ عضوا بڻيا، جن لاءِ ڊاڪٽر ايف اي خان جو رايو ڇڻ تہ سند جي حيثيت رکي ٿو:

“It is does suggest that the Indus civilization was an indigenous development that arose out of the evolution of developed village cultures in a favourable environment.”(8)

ان سڪيي ستابي ڳوٺاڻي سماج جي ڪن حصن سان سدائين ڀرجي وهندڙ سنڌو نديءَ جو بہ مک ڪردار آهي، جنهن جو سڀ کان پهرئين ”رگ ويد“ ۾ ذڪر هيٺين ريت ٿو اچي: ”سنڌ گهوڙن سان ۽ ڊڳي گاڏين سان، ڪپڙي سان، سونن زيورن سان، ڪاڏي پيتي جي شين، پشم ۽ وٽن سان مالامال ۽ ڀرپور آهي، برڪت واري نديءَ جي چوطرف ماکي ڏيندڙ گُل ڦل آهن.“(9) انهن مٿين شاهدين مان شروعاتي ڳوٺاڻي سماج جي پڻ ڪل پوي ٿي تہ ان ڳوٺاڻي سماجي زندگيءَ جو پد خوشحاليءَ جي مٿانهين حد تي پهتل هو ۽ ان ڳوٺاڻي سماج ۾ لوڪ ادب جي سرجڻ جون سڀيئي سهولتون ڇڻ تہ هن ڌرتيءَ جي مٽيءَ جي سڳند ۾ سمايل هيون.

اهي ڳوٺاڻا لوڪ نج ٻوليءَ، ريتن توڙي رسمن جا رکوالا هئا، انهن ۾ ميل ميلاپ، پيار محبت، نياز نوڙت، ڏک سک ۾ هڪٻئي سان ڀاڱي ڀائيواري، عدل ۽ انصاف، رحمدلي ۽ رواداري جهڙا جملي ڳڻ منجهن موجود هئا تہ اهڙي سڌريل ڳوٺاڻي سماج مان لوڪ ادب جو ڦوهارا ڪري ڦٽي نڪرڻ هڪ فطري عمل هو.جتان ڏاهپ ۽ دانائيءَ جا ڪيئي واهڙ وَهي نڪتا، جتان علم، عقل ۽ فهم جون ڪيئي هيرن جواهرن جون کاڻيون کلي پيون. اهڙي فطري ماحول ۾جتي جهجها مينهن، پوکي راهي، کير مکڻ ماکيون اڻميا هجن اتي رس رهاڻيون توڙي قربائتيون ڪچهريون ضروري ۽ اڻ ٽر هيون، اتان جيڪي ڳٽائتا گفتا گونجيا، انهن لوڪ ادب جي جنمڻ جا ڇڻ تہ شادمانا وڄائي ڇڏيا. ان ڳوٺاڻي سماج کي بالغ دؤر کان اڳ ڏسون ٿا تہ عورت جو هڪ اعليٰ مقام هو، ٻارن جي پالنا، سار سنڀال کان وينديءَ گهر جو سڄو نظام ڄڻ تہ سندس هٿ وس هو، ڏينهن جو پنهنجي ٻارن سان يا اڪيلائي ۾ هن ڪي آلاپ ضرور پنهنجي منهن اچاريا هوندا، جي اڳتي هلي لوڪ گيتن جي روپ ۾ پڌرا ٿيا هوندا، جيڪي پوءِ خوشيءَ توڙي غميءَ جي مناسبت سان خالص دلي جذبن توڙي احساسن سان سادن لفظن ۾ اچارجي عام جي جذبن ۽ احساسن جي ترجماني ڪرڻ وارا گيت ٿي پيا هوندا،

Shah Abdul Latif Bhitai Chair

جن لاءِ ڊاڪٽر فهميده حسين پنهنجي اردوءِ ۾ لکيل هڪ مقالي ۾ لکيو آهي ته، "میرا دعویٰ یہ ہے کہ شاعری کی ابتدا عورت نے کی ہوگی، کم از کم سندھی زبان کے حوالے سے تو مجھے یقین ہے کہ اس کی اولین خالق عورت تھی اور شاعری کو گانے کے لئے بنیادی دُھن بھی اسی نے بنائی ہوگی، جس کی ارتقائی صورت بعد میں تشکیل پائی اور یہ محض کوئی مفروضہ نہیں اسے ثابت بھی کیا جا سکتا ہے۔"(10)

ان شروعاتي ڳوٺاڻي سماج ۾ جي عورت گھر ۾ "ٻارن جي سار سنڀال تي مامور هئي ته وري مرد ماڻهو جهنگ ۾ وڃي پيٽ جي باهه وسائڻ ڪاڻ شڪار جي ٻلي هوندو هو، پوءِ سڄ لٿي مهل جڏهن ٿڪو ٽٽو گهر ورندو هو ته، ڏينهن جي سڄي روداد وري رات جو ويهي پنهنجي ٻارن ۽ گهر واريءَ سان اوريندو هو ته، اهي ننڍيون ڳالهيون هڪ گهر کان ٻي گهر تائين پهتيون ته جڻ لوڪ آکاڻين جي جاءِ والاريندون ويون، جي پوءِ نسل در نسل هلنديون آيون. "گهڻو ڪري ڪهاڻيون سڀ زباني ڪٿائون آهن."(7) جي سيني به سيني هلنديون پيون اچن، اڳئين زماني کان وڻي وندر ۽ وروندر لاءِ ڪهاڻيون ۽ قصا ٻڌائڻ هڪ وڏو وندر جو ميدان پئي رهيو آهي، اهو سلسلو قديم ۽ ڪُهني زماني جو آهي."(11) لوڪ ڪهاڻيون لوڪ ادب جي نثري ڀاڱي ۾ ڳڻتي سگهجن ٿيون، جن ۾ پوءِ سگهڙ ۽ سڄاڻ ماڻهن وڏيڪ رس رچاءُ پيدا ڪري، ماڻهن جي وندر ۽ وِرونهن جو سامان مهيا ڪيو، تنهن کان سواءِ هنن ڪهاڻين ۾ خاص ڪري اخلاقي نقطي ڪي تمثيلي حوالي سان پکين توڙي جانورن ذريعي پڻ اجاگر ڪيل آهي، جنهن لاءِ ڊاڪٽر نور افروز خواجه جو رايو آهي ته، "لوڪ ڪهاڻين ۾ اهو تمثيلي ۽ ناصحانه انداز پراڻي دور جي ريتن رسمن ۽ وهمن گمانن جي سُڌ ڏي ٿو، انهيءَ سان گڏوگڏ ساڳئي وقت تي سمجهه، سياڻپ ۽ نصيحت جو ٻي بها خزانو پڻ آهن."(12) لوڪ ادب جو ٻيو ڀاڱو نظمي يا شاعريءَ تي مشتمل آهي، سو تمام گهڻو آهي، جي اهو چئجي ته به وڌاءُ نه ٿيندو ته سنڌي لوڪ ادب ۾ سواءِ لوڪ ڪهاڻيءَ جي باقي سمورو حصو شاعري آهي، ايئن پيو ڀانئجي ته سڄي سنڌي ٻولي ترنم، موسيقيءَ ۽ شاعريءَ واري انداز تي اڏيل آهي، جو ٻيو ته ٺهيو ڪيترن پهاڪن ۾ به ترنم ۽ موسيقيءَ جو سڳند اچي ٿو، پوءِ اهي ڀلي ڪٽي ٻاراڻيون پروليون ئي ڇو نه هجن، جيئن: "اڏ ڪاٺ جو اڏ لوهه جو، جيڪو نه ڀڃي پُٽ ڳوهه جو." ڀڃڻي: ڏاٽو يا هيٺئين ٻاراڻي پرولي:

اٺ وهنجي نڪتا، گهڙا ڪين ٻڏن،
پرديسي، پکيئڙا وينا اڄ مرن.

**ڀڃڻي**: ماڪ

يا اجا هيئنئين ٻاراٽي پرولي:

ڦري ڦري تو ڦيريون پائي فقير ٻہ ناهي،
رسو ٻڌل چيلھ سان چور ٻہ ناهي،
ڇهنب آهيس منهن ۾ پکي ٻہ ناهي، ٻڌايو ڇا آهي؟

**ڀڃٽي**: لاٽون

(اهي مٽيون پروليون ڊاڪٽر نبي بخش خان بلوچ جي سهيڙيل ڪتاب: ”پروليون، ڏٺون، معمائون ۽ ٻول“ تان ورتل آهن.)

فقط جي انهن پرولين کي ڏسجي تہ انهن جا چوڏهن قسم آهن. دنيا جي ٻئي ڪنهن بہ لوڪ ادب ۾ ٻاراٽين پرولين جا ايترا قسم نہ آهن.

ڪهاڻين وارو لوڪ ادب جو شروعاتي دؤر هو، ان دؤر ۾ لوڪ ادب جون ٻيون صنفون بہ ضرور سرجيون هونديون، جي ڪن صدورن سينن ۾ سموهجي هن ڌرتيءَ جي پيٽ ۾ ئي پورجي ويون، گهڻو پوءِ وري سومرن جي دؤر ۾ سسئي پنهون، مومل راڻو جهڙا عشقيہ داستان عام ٿيا، جن جي قصن سان گڏ عوام ۾ لوڪ ڳاهون بہ مشهور ٿيون، جيئن هيئنين ڳاهن ۾ سسئي ڪيچ جي قافلي ڪان ڪن شين جي باري ۾ پُڇي ٿي ۽ ان جي سونهن تي موهجي ٿي تہ ٻي ڳاهہ ۾ پنهون هوت جو نوڪر ٻاٻيهو ڪيس پنهنجي آقا جي سونهن جي واکاڻ بہ ڪري ٿو، اهي ٻئي ڳاهون هيٺ ڏجن ٿيون.

سسئي ست سان هيئنئين ريت مخاطب ٿئي ٿي:

چوٽا چندن ڪيوڙا، مون سان وکر جون ويهون،
مل مهانگي آئون ڏيان، ٻيو ڪٽيو ٻيڙيون.

ٻاٻيهو ڪيس هيئن ٿو جواب ڏي:

آءٌ ڪچاڙو آهيان، جي ڏسو مون پي ڏٽيوم،
تنهنجي سونهن جون، مون کي چاليهون واٽوم.

(ڪتاب: سنڌي ادب جي تاريخ، ميمڻ عبدالمجيد سنڌي، ص: 6)

ان ئي دور جي ٻانهي ناتر واتان انهن چئني دوستن، همير سومري، راڻي ميندري، ڏؤنر پٽيءَ ۽ شينهڙي ڏماچاٽيءَ کي جواب ڏنل آهي، چارئي جڏهن ناتر جي سونهن ڏسي ڪيس ڏسڻ لڳا تہ هن چيو:

آئون ٻانهي راڻيون ٻيون، مون نيٽين مَر پُل،

Shah Abdul Latif Bhitai Chair

سَندي ڪاڪ ڪنڌيءَ، آهي ڪامٽين هُل.

(ڪتاب: سنڌي ادب جي تاريخ، ميمڻ عبدالمجيد سنڌي، ص: 7)

هن ئي دؤر ۾ عمر مارئيءَ وارو قصو بہ مقبول عام ٿيو، جنهن بابت بہ ان دؤر جون ڪي لوڪ ڳاهون مشهور آهن، جيئن هيٺئين ڳاهہ ۾ مارئي، عمر بادشاهہ سان هن ريت مخاطب آهي:

عمر پيچ نہ آنچ، نہ ڪر زور ضعيف سان،
هٿ نہ هوندا ايترا، پيا در مٿي دروان،
ويندا هي فيل فنا ٿي، سڀ نغارا نيشان،
قاضي ٿيندا پاڻ، شرع ڪندا سومرا.

(ڪتاب: سنڌي ادب جي تاريخ، ميمڻ عبدالمجيد سنڌي، ص: 7)

انهن عشقيہ داستانن وارين لوڪ ڳاهن ڪانسواءِ ڪي جنگي لوڪ ڳاهون بہ ملن ٿيون، جيئن سومرن ۽ گجرن واريءَ جنگ ۾ چنيسر پنهنجي ڀيڻ ٻاگهل ٻائيءَ جو سڱ علاؤالدين بادشاهہ کي ڏيڻو ڪري فوج چاڙهي آيو تہ دودي کي ڪنهن صلاح ڏني تہ ٻاگهل ٻائيءَ جي بدران ڪا ٻانهي سينگاري ڪنوار جي روپ ۾ علاؤالدين ڏانهن ڏياري موڪل، هن کي ڪهڙي خبر تہ ٻاگهل ٻائي آهي يا ڪا ٻانهي، تہ ان وقت جي ڪنهن چارڻ دودي کي چئي ڏنو تہ:

جر نہ ڪتن ڪنگرين، رَاوَ نہ ڳنڍين ويڻ،
گولي ويندي گجرين، سڏبي دودي ڀيڻ.

(ڪتاب: سنڌي ادب جي تاريخ، ميمڻ عبدالمجيد سنڌي، ص: 9)

يا هيٺئين لوڪ ڳاهہ ۾ جڏهن سومرن جون سامون ابڙي سمي ڏانهن ٿي ويون، اهي پلجي وڃي ابڙي جوٽيجي وٺ پهتيون تہ هُن سام جهلڻ کان نابري واري ۽ پاڙيائپ ڪندي سامن کي چيائين تہ اهو ابڙو اڙٻنگ سمون آئون ناهيان، اهو اڳتي آهي.

او ابڙو اڙٻنگ، او ڏونگر ئي ڏيهہ پيو،
هي جوٽيجاڻو جگ، جو سرٽين جا سونٽا سهي.

(ڪتاب: سنڌي ادب جي تاريخ، ميمڻ عبدالمجيد سنڌي، ص: 10)

اهڙي قسم جون جنگي ڳاهون ويندي سمن جي دؤر تائين بہ ملن ٿيون. ان دؤر جي آخر ۾ پاڳو پان نالي هڪ چارڻ "دودي چنيسر" واري جنگ جو سڄو قصو ڳاهن



Shah Abdul Latif Bhitai Chair

ذريعي پيش ڪيو، جنهن ۾ ڄڻ تہ هن ان دؤر جي تاريخ، ثقافت سان گڏ سماجي قدرن جي پڻ عڪاسي ڪئي آهي. انهن جنگي لوڪ ڳاهن کان سواءِ، سخي مردن جي ساراهہ تورڙي ڪنهن ڪوڙائيءَ واريون لوڪ ڳاهون بہ سومرن جي دؤر کان وينديون سمن جي دؤر تائين ملن ٿيون. حڪومت جون واڳون سنڀاليندي ئي رات جي وقت رستن تي رهنمائيءَ لاءِ جيڪي باهہ جا وڏا آڙاهہ ٻرندا هئا، سي سڀ وسارائي ڇڏيا تہ ان وقت جي ڀٽ سمنگ چارڻ ڪين اهو چوندي ويرم نہ ڪئي تہ:

سچو ڦسيءَ پيا سومرا، اڏ ڦسيءَ پيو لوڪ،
جي جهيٽي ٻارڻ جهوڪ تہ ليڙپيائي لاٽون ڪري.

(ڪتاب: سنڌي ادب جي تاريخ، ميمڻ عبدالمجيد سنڌي، ص: 11)

تاريخ مان پتو پوي ٿو تہ سومرن جي دؤر ۾ بہ سمن سردارن جون ننڍيون بادشاهيون هيون، هو پنهنجي پنهنجي ننڍن پرڳڻن جا مالڪ هئا. سمن جو وڏو ڳڻ اهو هو تہ هو وڏا سخي مرد هئا، پنهنجي سر جو دان ڏيندي بہ نہ ڪيٻايائون. سومرن جي دؤر ۾ بہ وڏا سخي مرد سما گهراڻي جا سردار هئا، جيئن هيٺئين ڳاهہ ۾ سمي سردار سپڙ جي ساراهہ ٿيل آهي:

در آئي مگڻي، دان سيڪو ڏي،
سپڙ سو ساري، جو جهوپڙين ۾ جهپيو.

(ڪتاب: سڌي ادب جي تاريخ، ميمڻ عبدالمجيد سنڌي، ص: 12)

مٿين لوڪ ڳاهن کان سواءِ هن دؤر ۾ لوڪ ادب جون ٻيون صنفون بہ ملن ٿيون، جن ۾ ڏٺ پروليون ۽ هڪ ڳجهارت پڻ ملي ٿي. انهن ثابتين مان اها خبر پئي ٿي تہ پروليون ۽ ڳجهارتون ان دؤر ۾ بہ ڏنيون ورتيون وينديون هيون، اها ٻي ڳالهہ آهي تہ، اهي لکت جي صورت ۾ اسان کي تمام گهٽ مليون آهن، پر ڳجهارتون تورڙي پروليون جيڪي مليون آهن، سي انتهائي ڏاهپ واري پد تي پختيون بيٺل آهن.

هيٺئن سوالن جوابن واري ڏٺ پروليءَ ۾، جيڪا همير سومري، راڻي مينڌري کي ڏني هئي، جا هن ڪيس پڇي ٻڌائي، همير سومري ڪيس چيو تہ:

ڪنهن پر ڇُنيءَ آيو چير، ڇُنيءَ آيو چير،

راڻي مينڌري جواب ڏنو:

راجا سڪي رس ڪي، ٻالڪ مڱي ڪير،
ان پر ڇُنيءَ آيو چير، ڇُنيءَ آيو چير.

Shah Abdul Latif Bhitai Chair

(ڪتاب: پرليون، ڏنون، معمائون ۽ ٻول، ڊاڪٽر نبي بخش خان بلوچ، ص: 6)

هيئين ڏٺ پروليءَ ۾ ڄام لاکي سندس پيءُ ڦل جي موت واري خبر پروليءَ ۾ ٻڌايل آهي. ڄام لاکي چيو هو ته مون کي پنهنجي پيءُ ڦل جي موت جي خبر جيڪو به ٻڌائيندو، ان جي زبان وڍي ڇڏيندس، جڏهن ڄام ڦل گذاري ويو، ته هڪڙي چارڻ لاکي کي هن ريت سندس پيءُ جي موت جو اطلاع ڏنو:

هڪڙا ڦل پسجن واڙئين، ٻيا جي ٻنئين ڏاڻ،
لاکا آءُ مهراڻ، توريءَ سڄو ڪاڇڙو.

معنيٰ ته هڪ ڦل آرٽن ۾ پيا ڏسجن، ٻيا ڦلا ٻنين ۾ پيا پچن. تيون ڦل ملڪ ۾ نٿو سجهي، سو لاکا مهرباني ڪري ڪاڇي ڏانهن موٽي هلو.

(ڪتاب: پروليون، ڏنون، معمائون ۽ ٻول، ڊاڪٽر نبي بخش خان بلوچ، ص: 6)

سوالن جوابن وارين اهڙين پرولين جو سلسلو صوفي بزرگن وٽ به ملي ٿو، جيئن شاهه لطيف، ميين عبدالرحيم ڏي هيٺين پرولي ڏياري موڪلي هئي:

جو مڙني موچارو، سو آهي ڪچاڙو؟

ميين عبدالرحيم گرهوڙيءَ جواب ڏياري موڪليو:

هڪڙي صحت سرير جي، ٻيو پرينءَ جو پاڙو.

(ڪتاب: ڪلام گرهوڙي، ڊاڪٽر عمر بن محمد دائود پوٽو، ص: 50)

ميين عبدالرحيم گرهوڙيءَ جي هيٺين ڏٺ پرولي به ڊاڪٽر دائودپوٽي صاحب ڄاڻائي آهي:

جنهن ڪن ٽوپايا ڪوڏ مان، تنهن کي ڪچاڙو،
هڪ صحت سرير جي، ٻيو پرينءَ جو پاڙو.

ڊاڪٽر دائودپوٽو وڌيڪ لکي ٿو ته، جڏهن خواجه صاحب کي هيءَ ڏٺ پرولي ٻڌائي وئي ته، ”حضرت خواجه صاحب جن اهو سنيهو سڻي افسوس ڪيو ۽ فرمايائون ته حضرت شيخ پنهنجي عمر جي پڄاڻي ڏني آهي.“

(ڪتاب: ڪلام گرهوڙي، ڊاڪٽر دائودپوٽو، ص: 35)

عبدالرحيم گرهوڙيءَ کان به اڳ مغلن واري آخري دؤر ۾ فقير جمن چارڻ جا ڪيئي عاقلاڻا گفتا عام لوڪن ۾ اڄان تائين عام آهن، جن مان نموني لاءِ هڪ ٻول هيٺ ڏجي ٿو:

Shah Abdul Latif Bhitai Chair

پنجئي بدنام پنجئي بدنام،
گابو ڪپڙي چٻٽو، نر گهوڙو ڪتگام،
ڪِڪِر ڪري ڪامٽي، گهر آئي مهمان،
ڪانئر جنگ ۾ پچٽو، گهر هٽي شوغان،
راجا جوٽ ٻولٽو، اهي پنجئي بدنام.
(ڪتاب: پروليون، ڏنون، معمائون ۽ ٻول، ڊاڪٽر نبي بخش خان بلوچ، ص: 250)

موجوده دؤر ۾ جيڪڏهن ڏٺو وڃي ته سنڌي ادبي بورڊ ڊاڪٽر نبي بخش خان جي هٿ هيٺ لوڪ ادب کي سهيڙڻ لاءِ جا رٿا جوڙي، ان رٿا تحت سنڌ جي ٻهراڙين مان جيڪي پروليون هٿ ڪيون ويون، انهن جا تيرهن قسم آهن، ايترا قسم ٻي ڪنهن ٻوليءَ جي لوڪ ادب ۾ ناهن، اها سچيتائيءَ سان سهيڙيل لفظي لڪ لڪوٽي، ٻهراڙيءَ جي ٻارن توڙي وڏڙن جي طرفان اڄ به وندر آهي. منهنجي ذاتي راءِ آهي ته اهڙيون ڳجهيون مامون نديڙن ڪچڙن ذهنن کي چڻ ته سراڻ تي چاڙهيو ذهنن تان مونجهاري جا ڪٽ لاهيو ڇڏين. اهڙا چٽاپيٽيءَ وارا مقابلا ٻارن جي وچ ۾، جي ملڪي سطح تي ڪرائجن ته ٻار ان مان وڏو لاڀ پرائي سگهن ٿا.

پرولين کان سواءِ سنڌ ۾ ڳجهارت جو فن به آڳاٽو آهي، هھڙي صنف ٻئي ڪنهن لوڪ ادب ۾ ملڻ ڏکي آهي. ڳجهارت پروليءَ جو ئي قسم آهي، پر ڳجهارت پروليءَ جي ڀيٽ ۾ گهٽي ڏکي آهي. ڊاڪٽر بلوچ صاحب جي کوجنا مطابق ڳجهارت جي شروعات سومرن جي دؤر ۾ ٿي، ”تاريخي لحاظ کان چئي سگهجي ٿو ته، سومرن جي دؤر ۾ موجوده سنڌي ٻوليءَ ۾ بيان جي وسعت پيدا ٿي ۽ قصن ۽ داستانن جي شروعات ٿي، ٻوليءَ جي لساني ۽ لغوي سرمائي جي واڌاري سان شايد انهيءَ دور ۾ ئي ڳجهارت جي فن جي شروعات ٿي.“(13) تاريخي حوالي سان ڏسجي ته سمن جي وچين ۽ آخري دؤر جون به ڳجهارتون ملن ٿيون، هڪ ڳجهارت ۾ ته سنڌي ٻوليءَ جا به اصطلاح پڻ ڪم آندل آهن، اها ڳجهارت هيٺ ڏجي ٿي.

ڳجهارت جي ڏيٽي: انهن ذاتين سين پنهنجو وهٽ جيئن نه وڻ جيئن،

اهي ذاتيون اڳيئي ڪک جا ڪن،
چئو نر نانءَ کي ته، گاهه جو پٽي ڏييئن،
۽ چوي ذاتين کي ته ولات سي وڃن.



Shah Abdul Latif Bhitai Chair

پايا/بند/ٽپ:

ذات = رُنَ = رُنن، وهٽ جو = هنو، وڻ جو = پن/پَنو/ڪَک جا توتڙ، نرنانءُ = ڄام نندو، گاهہ = پونگڙو، ولات = سَالَ.

ڳجهارت جي پيڇڻي: انهن رَنن سان پنهنجو هو نڪي پنو، اهي رنون اڳيئي توتڙ ڪن، ڇئو ڄام نندي ڪي تہ پٽي پونگڙو ڏئين ۽ چوي رنن ڪي تہ سال سي وجن.

(ڪتاب: ڳجهارتون، ڊاڪٽر نبي بخش خان بلوچ، مقدمو، ص: 6 ۽ 7)

انهي لوڪ ادب سهيڙن واري رٿا تحت ڳجهارتن ڪي جنهن ڪتاب ۾ سهيڙيو ويو سو ذري گهٽ هڪ هزار صفحن تي ٻڌل آهي، جنهن ۾ ٽن هزارن تائين ڳجهارتون ڏنل آهن، جن جا ست قسم، ڳجهارت جي پيڇڻيءَ جا ڪندين وار پاين/ٽپن جا نالا ڏسيو عقل چرخ ٿيو وڃي، انهن اٽپڙهيلن وٽ ايڏو علم ۽ فهم ڪٿان آيو. موجوده دؤر ۾ ڳجهارت ڪچهريءَ جو لازمي جُز آهي، اهي محبتي مارڪا هاٽي گهٽجي ويا آهن، جن ۾ گهٽي پاڳي اسان جون پنهنجيون غلطيون بہ آهن ۽ ويرين بہ وسان ناهي گهٽايو، تنهن هوندي بہ ميلن ملاڪڙن توڙي اوطاقن ۾ ڳجهارتن جي ٿوري گهٽي پچار ضرور ٿئي ٿي. اجان بہ وقت ويو ناهي، ان وچايل موڙهيءَ جو پير ڪڙي چور هٿيڪو ڪري سگهجي ٿو، اها امانت پاڳين تائين پهچائجي تہ هو ضرور هٿيڪي ڪندا، ان لاءِ هن ڪرت سان واڳيل ادارن ۾ ويٺل ڪامورا جي ايمانداري سان ان ڪم جي پنيرائي ڪن تہ اهي مارڪا ملڪي سطح تي بہ مڃائي سگهجن ٿا، تنهن لاءِ جفاڪشي ۽ ايمانداريءَ شرط آهي.

ڳجهارت وانگي ڏور بہ ڪچهريءَ جو ڄڻ تہ نڪ آهي، جتي ڪچهري هجي ۽ اتي ڏور نہ ڏجي اها اڻ ٿيڻي ڳالهہ آهي. ڏور لوڪ مذهبي شاعريءَ جي سگهاري صنف آهي. ڏور ڪي جي ايمانداريءَ سان ڏسجي تہ ڄڻ مذهبي ميتا جو دنگ اڇي اسان تي ٿئي ٿو ۽ وري اسان سان ڪيس اهو تہ مذهب ڪان پري بہ اسان ڪي ئي سمجهيو ٿو وڃي. لوڪ مذهبي شاعريءَ جون هونئن تہ ٻيون بہ پنج صنفون آهن، جن مان ڏور ۽ مولود ڪنهن لوڪ مذهبي شاعريءَ ۾ سپجن بہ ڪونہ، تنهن هوندي بہ ڏور لوڪ مذهبي شاعريءَ جي بنهہ نرالي ۽ پراڻي صنف آهي، جنهن ڪي هتان جي سگهڙن هن ڌرتيءَ سان واڳيل عشقيہ داستانن ۽ عام سنڌي بيت ۾ تمثيل جو رنگ ڏيئي ڪا خدائي ڪرامت، ڪو قدرتي ڪرشمو، ڪنهن پيغمبر، نبيءَ، وليءَ، درويش بزرگ جي ڪاني ڪرامت ڪي وڏي سگهڙ پائيءَ سان پيش ڪيو آهي. تاريخي حوالي سان جي ڏور جو پيرو ڪڙيون ٿا تہ

Shah Abdul Latif Bhitai Chair

شاهه لطيف جي وڏي همعصر شاعر ۽ سگهڙ جلال ڪٽيءَ جي واڳ ۾ واڙيل ٿا ڏسون، لازمي هن ڪان اڳ ۾ بہ ڪي ڏور جا سگهڙ ضرور هوندا، جن انهيءَ اوج تي ڏور کي پهچايو، پر اهي سرواڻ سگهڙ گمناميءَ وارو ڪاهڙ جو ڪٽو اوڍي اوجهل ٿي ويا، بعد ۾ جلال ڪٽيءَ ۽ سندس ساٿاري سگهڙن: حضرت ڪٽي ۽ خالو ڪٽيءَ وارن هن صنف ۾ پانڌا ٻُرايا. جلال ڪٽيءَ جو سنڌ جي سگهڙن وٽ ڪچهرين ۾ هي مشهور ڏور، جيڪو ڏور جي سوا لک واري گهر جو آهي، جنهن جي مراد آهي تہ جڏهن بيبي مريم کي حضرت عيسي عليہ السلام ڄائو تہ پريشان ٿي وئي تہ هاڻ ڇا ڪيان، ماڻهن کي ڪهڙي منهن سان جواب ڏيان، پوءِ ڪيس غيبي آواز آيو تہ پريشان نہ ٿيءُ، هيءُ تمام سياڳو ٻار آهي.

ڪامڻ پنهنجو ڪنجرو ڦاڙي ڪر نہ ڦٽو،
حڪمت جهڙو هار ٿئي، مٽيو ڪر منو،
ڳهٽو ڪري ٻچيءَ ۾، ڪر ڪنگڻ ڪول ڪنو،
پوءِ ٿيندئي چوٽيءَ ڦل ڇٽو، جيڏين منجهہ جلال چئي.
(جلال ڪٽي)

لوڪ ادب جي رٿا تحت "ڏور" نالي جيڪو ڪتاب ڊاڪٽر نبي بخش خان بلوچ وڏي محنت سان سهيڙيو، ان ۾ هڪ هزار کان بہ مٿي ڏور مرادن سميت ڏنل آهن، جن ۾ اهو مٿيون ڏور انهيءَ ڪتاب جي صفحي (253) تي جلال پٽيءَ جي نالي سان لکيل آهي. ٿي سگهي ٿو اها پروف جي غلطي هجي، پر جلال ڪٽيءَ جو ڪچهرين ۾ هلندڙ ٻيو مشهور هينيون ڏور، جو هن ڪتاب جي صفحي (366) تي ڏنل آهي سو سگهڙ اسحاق جي نالي لکيل آهي:

زيب ذري ظاهر ٿي، ڪا پوش منجهان پٽجي،
ڪاري رات ڪهان ڳئي، ماهه ڪڙيا مٿجي،
پوءِ ويهہ وٽ جيءُ، جنهنجي اهڙي صورت اسحاق چئي.

اصل ۾ هن بيت جي آخري سٽ سگهڙ جلال ڪٽيءَ جي نالي هن ريت آهي:

"ويهہ تني وٽ جي، جن جي ايڏي جوت جلال چئي."

هن سڄي ڪتاب ۾ جلال ڪٽيءَ جو فقط هڪ هينيون ڏور ڏنل آهي، جيڪو سوا لک جي گهر جو آهي:

هڪ ماري، ٻيو ماري، ٽيون ماري،
پانهہ پنهنجي پيءُ سان، پٽ پاري، ڙي پاري،

Shah Abdul Latif Bhitai Chair

جل منجهان ”جلال“ چئي ان کي بچايو باري،
جنهن جي ڳل ڳچيءَ اگاري، سو چلي پيو چوگان ۾.
(ڪتاب: ڏور، ڊاڪٽر نبي بخش خان بلوچ، ص: 92)

سگهڙ جلال ڪٽيءَ جا ويهارو کن ڏور ڪچهرين ۾ عام هلندڙ آهن، پر ڊاڪٽر بلوچ صاحب کي خبر ناهي ته اهي ڇو هٿ اچي نه سگهيا. جنهنجو اعتراف ڊاڪٽر بلوچ صاحب هن ريت پڻ ڪيو آهي ته، ”اهو سورنهن آنا ثابت ٿئي ٿو ته، جلال جي ڏور جي شاعريءَ جو چڱو خاصو دفتر هوندو، جلال ڏور جي فن جو به ماهر هو ۽ ان فن تي ڪي سهڻا بيت چيائين، پر اسان تائين نه پهتا.“(15) موجوده دؤر جي ڪچهرين ۾ ڏور جي تمام گهڻي اهميت آهي، ڪچهري رس به تڏهن ڪندي آهي. ڏور تي سگهڙن جي هڪبئي ۾ ادب ۽ اخلاق جي دائري ۾ چٽا پيٽي ٿيندي آهي. ڏور جي مراد ڳولڻ وارو منظر ڏاڍو دلچسپ هوندو آهي. سگهڙ ويچارا پنهنجي سر هن وقت ڏور تي ڏاڍي محنت ڪن ٿا، هڪبئي سان ڪچهرين جا ٽڻ به پاڻ ٻڌن. ادبي ادارن طرفان جي سندن سرپرستي ٿئي ته لوڪ ادب جي هيءَ صنف، جا دنيا جي ٻئي ڪنهن به لوڪ ادب ڳولي نٿي لڀي، ڪيئي ڪرشما ڪري ڏيکاري. هن وقت لوڪ ڪچهرين ۾ ڏور سيني کان سگهاري صنف آهي، جيڪا سنڌ جي اتر، لاڙ، وچولي، ڪاڇي، ڪوهستان توڙي ٻيلي واري پاسي عام آهي.

ڏور جي حوالي سان هيءُ به واضح هجي ته جڏهن کان ڊاڪٽر نبي بخش خان بلوچ ڳجهارت توڙي ڏور لاءِ قاعدا قانون جوڙيا، ته ڏور جي ڪچهرين ۾ وڌيڪ دلچسپي پيدا ٿيڻ لڳي، نه ته هن کان اڳ ڏور جهڙي ڏکي صنف سڄي لوڪ ادب ۾ هئي ئي ڪونه. ڏور ڏيڻ حقيقت ۾ مٿي ۾ ڏنبو وهائي ڪڍڻ برابر آهي. شروع ۾ ڏور جا ٻه قسم هئا، پوءِ ڊاڪٽر بلوچ صاحب جڏهن قاعدا جوڙيا، ته پوءِ هن وقت ڏور جا ڇهه گهر آهن جيئن: 1. قدرت، 2. نبوت/سوا لک، 3. پنج تن، 4. امامت، 5. وليت، 6. عامي ڏور. موجوده دؤر ۾ ڏور ڄڻ ته جوڀن تي آهي، هن وقت شاهه لطيف کان ساميءَ جي بيتن تي ڏور جي مختلف گهرن جون مرادون منڊيل آهن.

ڳجهارت ۽ ڏور کان پوءِ لوڪ ڪچهرين ۾ هنر جي صنف جو به هُل هلاچو ٿيندو آهي. بظاهر هنر به ڄڻ ته ڳجهارتي فن آهي، پر هنر ۽ ڳجهارت ۾ فقط هڪ هڪجهڙائي لڪل معنيٰ واري ضرور آهي، نه ته هنر جي سٽاءَ ڳجهارت کان بنهه نرالي آهي. هنر ۾ ظاهري طور جيڪو بيت هوندو آهي، ان جي ڪول بيت جي ظاهري معنيٰ

Shah Abdul Latif Bhitai Chair

جي بلڪل ابتڙي هوندي آهي، اهائي هنر جي ڪاريگري آهي، جيئن مثال لاءِ هيٺئين بيت ڪي ڏسون:

اديون عمر آيو، وجهو مانداڻي،
مٽ ۾ ولوڙيان ويٺي.

مٿيئن بيت ۾ بظاهر مارئي ، اهي ٻول پيئي ٻولي، پر هنر واري ڪولَ ۾ ليلان جون ليلڙاڻيون آهن ته:

”اديون! اَمُر اِو (ياڳ ڦتو) مان ڏٺي مٽيو، هاڻي لوڙيان ويٺي. تاريخي حوالي سان هنر جي شاعريءَ جي وڙول ڪجي ٿي ته ان جي سرواڻي ٻه سگهڙ جلال ڪٽيءَ جي سر اچي ٿي. ڪانئس اڳ ضرور هنر جا شاعر هوندا، پر انهن جو ڪوبه احوال نٿو ملي، جلال ڪٽيءَ لاءِ اهو چوڻ ٻه بجا آهي، ته هن هنر جي فن کي وڏي ڪاريگريءَ سان اوج تي پهچايو. ان سرواڻيءَ جي ڳالهه ڊاڪٽر بلوچ صاحب ٻه پنهنجي سهيڙيل ”سنڌي هنر شاعري“ واري ڪتاب ۾ هن ريت ڪئي آهي: ”حقيقت ۾ شاهه عبداللطيف جو همعصر اديب ۽ سالڪ جلال ڪٽي، جيڪو ان دور ۾ سگهڙن جو سرواڻ ۽ سرتاج سگهڙ هو ۽ پڻ سگهڙ پائيءَ جي فن جو باني مباني هو، تنهن سنڌيءَ ۾ هنر شاعري، سينگار شاعري ۽ ڏهسنامي جي شاعريءَ کي اوج تي پهچايو.“(16) سگهڙ جلال ڪٽيءَ جو هنر مثال طور هيٺ ڏجي ٿو:

سناسين سُرڪي، ورتو گس گرنار جو،
وٽي جا وصال جي، سا سناسين سرڪي،
جلوي ساڻ جلال چئي، تن سناسين سُرڪي. (جلوي ۾)
پوءِ سناسين سُرڪي، چاڙهي تند تنبور تي.

(ڪتاب: سنڌي هنر شاعري، ڊاڪٽر نبي بخش خان بلوچ، 1991ع، ص: 5)

هاڻي هنر جي ڪول هيٺئين ريت ٿيندي:

سناسين/ جوڳين سِرڪي (رڙهي، هلي) ورتو گس گرنار جو،
وٽي جا وصال جي سا سناسينسرُ ڪئي. (پهريان پيتي)
جلوي ۾ (منهن ۾) جلال چئي تن سناسين سُرخي،
پوءِ سناسينسرِڪي (سُر ۾ ملائي/سُر سان ملائي) چاڙهي تند تنبور تي.

اهڙي مٿئين قسم جي هنر کي چيرون هنر چئبو جنهن ۾ سِر وارو لفظ هر سٽ ۾ ورجائبو آهي، پوءِ اهو پلي ڪنهن سُر مان ئي چو نه هجي. جلال ڪٽيءَ جا رواجي ۽ سرائتا



Shah Abdul Latif Bhitai Chair

چيرون هنر پڻ ملن ٿا. هنر ۾ جيئن تہ حرف تجنيس جو وڏو عمل دخل آهي. پوءِ وارن سگهڙن انهيءَ هنر واري مامر تي مختلف نالن، جنسن، وڪرن، جانورن، پکين، مڇين، وڻن ٽڻن وغيره تي پنهنجا هنر رچيا. موجوده دؤر ۾ تہ هنر جي فن ڪي، دراهي يعني ٻن معنائن واري هنر ڪان سواءِ سَت سُري هنر واري سٽاءَ تي آٽي بيهاريو آهي، هھڙي قسم جي لفظي پيچ گهڙ، جنهن ۾ ٻن ڪان ويندي ستن ستن سُرن تي ٻدل معنائون نڪرن ايئن شايد ٻئي هنڌ ڪٿي لوڪ ادب جي ڪا صنف هجي، دراهي جو هت هڪ ننڍڙو مثال ڏجي ٿو:

متارن ڪي لاهہ، ڳهلا انهيءَ ڳالهہ تان،

جڏهن هن دراهي ڪي سُر موڪي متارن واري حوالي سان ٿوڙيون ٿا تہ:

متارا = متولا، مست، شراب پيئڻ وارا

(اي موڪي) متارن ڪي شراب پيئڻ واري ڳالهہ تان لاهي ڇڏ يعني انهن ڪي شراب پيئڻ نہ ڏي.

وري انهيءَ جي سٽ ڪي سُر سورٺ ۾ ٿوڙبو تہ:

مَ تارن ڪي يعني تندن ڪي (سُرندي جي) بيهار يا ڍرو نہ ڪر پلي چڙهيل هجن يعني وڄنديون رهن.

اهڙي طرح ست سري هنر ۾ وري اهڙي طرح ست يا ستن ڪان مٿي معنائون هونديون آهن، جن ڪي هر سر ۾ بيهارڻ ايترو سولو ناهي، پر سنڌ جي سگهڙن اهو بہ ڪمال ڪري ڏيکاريو آهي.

سنڌي لوڪ شاعريءَ ۾ "سينگار" بہ ڪچهرين جو ڄڻ تہ ڇٽُ آهي. هن صنف ۾ محبوب جي ظاهري فطري سونهن ۽ هار سينگار انوکين تشبيهن ۽ تمثيلن سان سنواري بيت جي سٽاءَ ۾ ڄڻ تہ جواهرن ڪي هڪ لڙيءَ ۾ پوپو ويندو آهي. هن قسم جي محبوب جي سونهن جي ساراهہ واري صنف شرنگارس/سنگار رس جي نالي سان اسانجي پاڙيسري ملڪ هندستان ۾ بہ ملي ٿي ۽ اسانجي ڪن چوٽيءَ جي عالمن جو پڻ اهو رايو آهي تہ اها صنف اسان وٽ ان پاسي ڪان آئي، جنهن لاءِ ڊاڪٽر نبي بخش خان بلوچ پنهنجي سهيڙيل "سنڌ سينگار شاعري" واري ڪتاب ۾ لکي ٿو تہ: "هندي سنگار رس يا عشقيہ شاعريءَ جا عنوان ۽ اشعار سگهڙن ذريعي پهتا اسان جي خيال ۾ حسن ۽ عشق جا اهي مضمون شايد پهرين راجستان جي سگهڙن ۽ چارڻن اتي جي راجائن، سردارن ۽ عوام جي وندر ۽ ورونهہ جي خاطر ياد ڪيا ۽ اهڙيءَ طرح سنڌ جي سرحدي ۽

Shah Abdul Latif Bhitai Chair

پاڙيسري رياستن: بيڪانير، جوڌپور ۽ جيسلمير ۾ ”سنگار رس“ شاعريءَ جا اهي دلچسپ عنوان ۽ اشعار سنڌ جي سگهڙ پڙن ۽ چارڻن، مڱڻهارن ۽ ٻين سجاڳ سگهڙن سنڌ ۾ رائج ڪيا.“(12) پر ڊاڪٽر عبدالڪريم سنديلي صاحب هتان جي شاعرن تي نقاليءَ وارو الزام مڙهيندي لکيو آهي ته: ”سينگار جي بيتن ۾ ٻه انهيءَ ڪري ئي ايڏي وسعت پيدا ٿي، جو اسانجي مورن هندي شاعريءَ جي تتبع ڪرڻ کان موشو نه ڪيو.“(18) سنديلي صاحب جي ان تتبع واري مٿئين راءِ کي رد ڪندي ڊاڪٽر فهميده حسين صاحبہ جو چوڻ آهي ته: ”ڊاڪٽر سنديلي مرحوم سان معذرت ڪندي، آئون ان خيال جي آهيان ته، سينگار جا بيت اصل سنڌي صنف آهي، جا پوءِ هند جي ٻين علائقن ۾ پهتي ۽ هنديءَ ۾ رائج ٿي. هندي ٻولي ۽ ادب، سنڌي ٻولي ۽ ادب کان گهڻو پوءِ جو آهي، ان ڪري قدامت جي ڪري نقل ۽ تتبع هنديءَ وارن ڪيو هوندو، نه سنڌ وارن.“(19)

شرنگارس جي پيٽ ۾ جي سنڌي سينگار کي پرکيو وڃي ته تتبع واري ڳالهه چڻ ته ڦلهيار ۾ ڦوڪ ڏيڻ آهي، سنڌي سينگار جو شرنگارس کان بنهه نرالو نمونو آهي، باقي شروع ۾ جلال ڪٽيءَ وارن هندي ٻوليءَ جو ڪي تشبيهون ضرور ڪم آنديون، پر سينگار جو رنگ ساڳيو سنڌيءَ وارو رکيو، جيئن هيٺيئن سينگار جي بيت ۾:

جب گوري گهنا ڪري، ”اٺ ڏوٽا“ اغماز،
”ده دو“ دائم رکي، کل ڪامڻ ويس قواز،
ان جي چرنن طير چريا ڪيا، پيس وتن پرواز،
آهو مين مشاهدي، ڪن طاؤس تواض،
ترنگن طرح تپاسيا، ڪن نيتون نانگ نياز،
سرو، صنوبر سرزمين، ڪم ڪنچن ماه ڪماز،
انهان دور دراز، منهنجا جانب وڌ جلال چئي.

(ڪتاب: سنڌي سينگار شاعري، ڊاڪٽر نبي بخش خان بلوچ، ص: 52)

سنڌي سينگار جو اهو نج سنڌي نمونو، جنهن ۾ ٻين ٻولين جا لفظ ضرور آهن، پر تتبع واري ڳالهه ڪٿي به نظر نٿي اچي، جيئن جلال ڪٽيءَ جي هيٺئين سينگار جي بيت ۾:

گورب وجهندي گوند، ڪريا ڪيس ڪلاهه تان،
ال ايهر الرا، نين ته نرگس نوند،
ٿي ڦڙ ڦڙ ڦوهارن جيئن، دُرست صاف سموند،

ميگهه پسي مستان ٿيو، برسي بادل بوند،
ڇا خوبي خورشيد جي مک آڏو محمود،
چئين چگي چوند، ڪنهن جي ناهي جوت جلال ڇئي.

(ڪتاب: سنڌي سينگار شاعري، ڊاڪٽر نبي بخش خان بلوچ، ص: 55)

اها سينگار واري صنف اسان کي صوفي شاعرن وٽ بہ ملي ٿي، جيئن ميين شاهہ عنايت رضويءَ جو هيٺيون بيت:

لاڙ لئيندي وچڙا، ڇيهي پير رتاس،
ڪڙيون ڪنبهي ورنيون، موتي منهن ڳتياس،
پسو! ميگهہ ميون چوي، جو هر جال جڙياس،
جهومڪ ٻئنرياس، وَسي مينهن پسائيا.

(ڪتاب: سنڌي سينگار شاعري، ڊاڪٽر نبي بخش خان بلوچ، ص: 56)

ميين شاهہ عنايت رضويءَ جا ٻيا ڪافي بيت هن سينگار جي صنف تي آهن. شاهہ لطيف وٽ تہ هن سينگار جي صنف جا بيت چڱي تعداد ۾ آهن، تنهن کان سواءِ لسٻيلي جي شاعرن: شيخ حمر، شيخ ابراهيم، ڪبير شاهہ وٽ هيءَ صنف جهجهي تعداد ۾ ملي. هي سينگار جو شروع وارو دؤر هو، جنهن ۾ سنڌ جي سگهڙن توڙي صوفي شاعرن هن صنف کي نج سنڌي ماحول ۾ رڱي پيش ڪيو، پوءِ جي سگهڙ شاعرن هن سينگار جي صنف کي اڃا اڳتي وڌائي ڏهس جهڙي صنف کي متعارف ڪرايو، ههڙي صنف جو ٻي ٻوليءَ ۾ ملڻ محال آهي. ٿلهي ليکي لوڪ ادب جي ڪجهہ صنفن جو ذڪر ڪيو ويو آهي، جي شروع کان ويندي هن دؤر ۾ بہ ڪڇرين ۾ عام آهن، جن ۾ اڃا بہ ڇڻ تہ واڌارو ٿيو آهي، جيئن پرولي ۽ ڳجهارت ۽ ڏور جي قسمن کان ويندي هنر ۽ سينگار جي قسم تائين. هن مقالي ۾ لوڪ ادب جي فقط انهن ڪجهہ صنفن تي مختصر روشني وڌل آهي.

## حوالا

**1.** Leadership quotes, www.google.com.
2. شيخ، اياز، ”خط، انٽرويو، تقريرون“، ترتيب: رشيد ڀٽي، نيو فيلڊس پبليڪيشن، 1987ع.
3. قاضي، علامہ آءِ آءِ، ”ساهڙ جا سينگار“، سهيڙيندڙ/سنڌيڪار: جي ايم سيد، سنڌي ادبي بورڊ، ڄامشورو، 2007ع، ڇاپو ٻيو، ص: 56.
4. ايضاً، ص: 62.
5. شاهہ جا بيت ڪلياڻ آڏواڻيءَ جي ترتيب ڏنل رسالي مان.

Shah Abdul Latif Bhitai Chair